قرآني بيان

# عبادت جا فائدا

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۽ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ

**18-July-2025**

جمعة المبارک جو
(For Islamic Brothers)



مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
18 جولاءِ 2025ء (22 مُحرمُ الحرام 1447ھ) جمعة المبارک جو

قرآني بيان

بنام

# عبادت جا فائدا

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ... چا مان شڪر گذار ٻانهو نہ بڻجان
- ... عبادت جو سڀ کان اعليٰ درجو
- ... محبوبِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون عبادتون
- ...نيڪ ماڻهن جون عبادتون
- ...گهٽي عبادت جا فائدا
- ...دنيا ۾ اچڻ جو مقصد عبادت آهي

پيشکش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَّة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامی)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ اللّٰه وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

**فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم **جو فرمان:** جنهن ڪنهن ڪتاب ۾ مون تي درود پاڪ لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ۾ لکيل رهندو، ملائڪ ان لاءِ اِسْتِغْفَار (يعني بخشش جي دُعا) ڪندا رهندا.[1]

عجب کرم کہ خود مجرموں کے حامی | گناہگاروں کی بخشش کرانے آئے ہیں
وہ پرچہ جس میں لکھا تھا درود اُس نے کبھی | یہ اس سے نیکیاں اُس کی بڑھانے آئے ہیں (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

یٰۤاَیُّهَا النَّاسُ اعْبُدُوْا رَبَّكُمُ الَّذِیْ خَلَقَكُمْ وَ الَّذِیْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿۲۱﴾

(سيپارو: 1، البقرة: 21)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِیْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِیُّ الْکَرِیْم صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَ اٰلِهٖ وَسَلَّم

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان هينئر جيڪا آيتِ ڪريمہ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، اها سيپارو:1، سُورت بَقَرَه جي 21 نمبر آيت آهي. ان کان پهريان سُورت بَقَرَه جون جيڪي 20 آيتون آهن، انهن ۾ انسانن جا 3 قسم بيان ٿيا آهن: (1): متقي: انهن بابت الله پاڪ فرمايو تہ هي اهي خوش نصيب ماڻهو آهن جيڪي الله پاڪ جي طرفان پڪي هدايت تي بہ آهن ءِ

[1]...معجمِ اوسط، جلد:1، صفحہ:497، حديث:1835۔

[2]...سامانِ بخشش، صفحہ:141 - 142۔

ڪامياب ٿيندا آهن. (2): ڪافِر: انهن بابت فرمايائين ته هي نهايت بدبخت آهن جو انهن جي دلين ۽ ڪنن تي مُهر لڳل آهي، اکين تي پردا پيل آهن ۽ انهن لاءِ آخرت ۾ وڏو عذاب آهي. (3): مُنَافق: هي انتهائي بُرا ۽ بدترين ڪافِر آهن، جيڪي دل ۾ ڪفر لڪائيندا آهن ۽ زبان سان ڪلمو پڙهندا آهن. انهن بابت فرمايائين ته انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي.

بلڪل واضح ۽ ظاهر ڳالهه آهي ته ڪوبه عقلمند جڏهن انسانن جا هي 3 قسم پڙهندو ته چاهيندو ته مان متقي بڻجي وڃان ته جيئن مون کي هدايت تي استقامت به ملي ۽ مان دنيا ۽ آخرت ۾ ڪامياب به ٿي وڃان. ان ڪري هاڻي آيت نمبر 21 ۾ تقويٰ حاصل ڪرڻ جو طريقو ٻڌايو پيو وڃي.

## آيتِ ڪريم جي مختصر وضاحت

الله پاڪ فرمائي ٿو:

يَاَيُّهَا النَّاسُ | ترجمو ڪنزُ العرفان: اي انسانو!

هي هڪ عام خطاب آهي، ڪنهن هڪ زماني يا ڪنهن هڪ طبقي جا ماڻهو مراد ناهن، بلڪ هر اهو جيڪو اِنسان آهي، حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي اَوْلاد مان آهي، پوءِ ڀلي اهو دنيا جي ڪنهن به حصي ۾ رهندو هجي، ڪنهن به زماني ۾ هجي، مطلب ته هر انسان لاءِ حڪم آهي ته

اُعْبُدُوْا | ترجمو ڪنزُ العرفان: عبادت ڪيو!

مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هتي لفظِ عبادت جو وسيع مطلب ورتو ويندو يعني اي ڪافِرو! عِبَادت ڪريو! يعني ايمان قبول ڪيو! اي مُنَافقو! عِبَادت ڪريو! يعني مخلص بڻجي وڃو! اي گنهگارو! عِبَادت ڪريو! يعني گُناهه ڇڏي نيڪ ڪمن ۾ لڳي وڃو! مطلب ته هر قسم جي ماڻهن کي سندن حال موجب حڪم آهي ته عِبَادت ڪيو![1] ڪنهن جي؟ فرمايو:

رَبَّكُمُ | ترجمو ڪنزُ العرفان: پنهنجي ربّ جي

---

1...تفسيرنعيمى،پاره:1، البقرة، زير آيت:21، جلد:1، صفحه:213ملتقطاً ـ

اسان جو رَبّ ڪير آهي؟

الَّذِیۡ خَلَقَکُمۡ وَ الَّذِیۡنَ مِنۡ قَبۡلِکُمۡ | ترجمو ڪنزُ العرفان: جنهن توهان کي ۽ توهان کان پهرين ماڻهن کي پيدا ڪيو.

هي جملو الله پاڪ جي عبادت جو حقدار هجڻ جي دليل آهي. يعني الله پاڪ ئي اهو آهي جنهن توهان تي بيشمار انعام فرمايا، توهان اڃا دنيا ۾ آيا به نه هئا، ان کان صديون پهرين توهان تي انعامن جو سلسلو شروع ٿي ويو هو.

ٿورو غور ڪيو! جيڪڏهن الله پاڪ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي پيدا نه فرمائي ها ته ڇا اسان دنيا ۾ اچون ها؟ نه. ڀلا! آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي پيدا فرمايو، انهن وٽ اَوْلاد ئي نه ٿئي ها ته ڇا اسان دنيا ۾ اچون ها؟ نه. هلو! اولاد به ٿي پر سندن اَوْلاد ۽ سندن اولاد کان پوءِ هزارين، ڪروڙين، اربين انسانن جو سلسلو نه هلي ها ته ڇا اسان دنيا ۾ اچون ها؟ نه. هلو! هي انسانن جو سلسلو به هليو، جيڪڏهن اسان جا والدين سُنڍ ٿي وڃن ها ته ڇا اسان دنيا ۾ هجون ها؟ نه. هلو! اسان پيدا به ٿياسين، ڪيترا ئي اهڙا ٻار آهن جيڪي پيدا ٿيندي ئي مري ويندا آهن، پيدائشي طور تي چريا هوندا آهن، ڪيترائي اهڙا آهن جن کي پيدا ٿيندي ئي I.C.U ۾ رکڻو پوندو آهي، خدانخواسته جيڪڏهن ائين ٿي وڃي ها ته ڇا اڄ مان ڊاڪٽر، انجنيئر، اَفْسر ۽ نه ڄاڻ ڇا ڇا بڻجي سگهان ها؟ نه بڻجي سگهان ها. وڌيڪ غور ڪيو! اسان جا ابا ڏاڏا به پيدا ٿيا، اسان به دنيا ۾ اچي وياسين پر جيڪڏهن هتي زندگي گذارڻ جا سبب ئي نه هجن ها ته...؟ ڪائنات ۾ ڪيترا ئي سيارا آهن، مشتري، مريخ، زُحل وغيره، سائنسدانن موجب جتي وڃڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن پر اتي زندگي گذارڻ جا سبب ناهن، آڪسيجن، هوا، پاڻي وغيره هزارين قسمن جون ضرورتون آهن، جيڪي اتي ناهن، ان ڪري اسان اتي نٿا وڃي سگهون، هليا به وياسين ته زنده نه رهي سگهنداسين، جيڪڏهن هي زمين به اهڙي ئي هجي ها ته...؟ ڇا اسان دنيا ۾ هجون ها؟ ڇا اسان هتي زندگي گذاري سگهون ها؟ ڇا هتي لکين، ڪروڙين جا ڪاروبار شروع ڪري سگهون ها؟ هي سڀ نعمتون جيڪي اسان کي نظر اچي رهيون آهن، جن کي اسان استعمال ڪري رهيا آهيون، ڇا هي سڀ ڪجهه هجي ها؟ نه هجي ها.

اندازو لڳايو! هي ڪيترين صدين تي مشتمل انعام آهن جيڪي اسان تي مسلسل ٿيندا رهن ٿا، الله پاڪ اسان کي بہ پيدا ڪيو، اسان کان پهرين جيڪي اسان جا ابا ڏاڏا، پڙڏاڏا وغيره ٿيا، انهن کي بہ پيدا ڪيو، پوءِ انهن مان هر هڪ کي صرف پيدا نہ ڪيو بلڪ انهن لاءِ زندگي گذارڻ جا سبب بہ مهيا ڪيا، انهن کي زندگي بہ ڏني ۽ انهن جي پرورش، مُناسب نشونما ۽ دنيا ۾ جيئرو رهڻ جا سبب بہ فراهم ڪيا، ڇا ڪا ٻي اهڙي هستي آهي جيڪا اسان تي ايترا سارا انعام ڪري سگهي؟ ڇا ڪو ٻيو خالِق آهي؟ ڪو رازِق آهي؟ اهي سڀ ڪوڙا خُدا جن کي غير مسلم پوڄيندا آهن، ڇا انهن مان ڪو آهي جيڪو ايترا انعام ڪري سگهي؟ ناهي، هرگز ناهي. ڪُفّارِ مڪہ بہ هن ڳالهہ کي تسليم ڪيو هو، قرآنِ ڪريم ۾ آهي

قُلْ مَنْ یَّرْزُقُكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ وَ الْاَرْضِ اَمَّنْ یَّمْلِكُ السَّمْعَ وَ الْاَبْصَارَ وَ مَنْ یُّخْرِجُ الْحَیَّ مِنَ الْمَیِّتِ وَ یُخْرِجُ الْمَیِّتَ مِنَ الْحَیِّ وَ مَنْ یُّدَبِّرُ الْاَمْرَؕ فَسَیَقُوْلُوْنَ اللّٰهُۚ فَقُلْ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ (۳۱) (سيپارو: 11، اليونس: 31)

ترجمو ڪنزُ العرفان: اوهان فرمايو: آسمان ۽ زمين مان کي ڪير روزي ڏيندو آهي؟ يا ڪن ۽ اکين جو مالڪ ڪير آهي؟ ۽ زنده کي مردي مان ۽ مردي کي زنده مان ڪير ڪيندو آهي؟ ڪير تمام ڪمن جي تدبير ڪندو آهي؟ تہ هاڻي چوندا: ”الله“ تہ اوهان فرمايو تہ توهان ڊڄو ڇو نٿا؟

الله پاڪ فرمايو:

فَذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمُ الْحَقُّۚ (سيپارو: 11، اليونس: 32)

ترجمو ڪنزُ العرفان: تہ هي الله آهي جيڪو توهان جو سچو ربّ آهي.

ڪجهہ نادان اهو بہ چئي ويهندا آهن تہ هي جيڪو دنيا جو نظام هلي رهيو آهي، اهو سڀ ڪجهہ نيچر جي تحت هلي رهيو آهي، دنيا جو نظام آهي تہ هڪ مخصوص مرحلي مان گذرڻ کان پوءِ ٻار پيدا ٿيندو آهي، پوءِ اهو وڏو ٿيندو آهي، پوءِ جڏهن ان جا عضوا ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏيندا آهن تہ اهو مري ويندو آهي. هي بلڪل بيوقوفي واري ڳالهہ آهي، اهڙن نادانن کان صرف ايترو سوال آهي تہ هڪ ٻار جيڪو انسانن وٽ پيدا ٿيو، آخر ڪهڙو

سبب آهي جو اهو ڪنهن جانور وٽ پيدا نہ ٿيو؟ يا هڪ بار جيڪو جانور جي پيٽ مان پيدا ٿيو، ڪهڙو سبب آهي جو اهو انسان وٽ پيدا نہ ٿيو؟ ڪو تہ آهي جنهن جو فيصلو نافذ آهي، ڪو تہ آهي جنهن جي حڪم سان اسان انسان بڻجي وياسين ۽ گھٽي مخلوق جانور ٿي وئي. بس اهو ئي جنهن جو حڪم هلي رهيو آهي، جنهن جو فيصلو نافذ ٿي رهيو آهي، اهو خُدا آهي، اهو ئي عِبَادت جي لائق آهي.

مطلب: هر انسان کي حڪم آهي تہ جيئن تہ توهان جو خالِق بہ الله آهي، توهان جو مالِڪ بہ الله آهي، توهان کي زندگي جا اسباب بہ الله پاڪ ئي ڏني ٿو، توهان کي پاليندو بہ الله پاڪ ئي آهي، تنهنڪري اهو ئي عِبَادت جي لائق آهي، صرف ۽ صرف ان جي ئي عِبَادت ڪريو!

ياد رهي! اسان عِبَادت ڪنداسين تہ ان جو فائدو الله پاڪ کي نہ ٿيندو بلڪہ ان جو فائدو اسان کي ئي پهچندو، اهو ڪيئن؟ فرمايائين

| | |
|---|---|
| لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿۲۱﴾ | ترجمو ڪنزُ العرفان: اميد ڪندي (عبادت ڪيو) تہ توهان کي پرهيزگاري ملي وڃي. |

تقويٰ هڪ وڏو وسيع مفهوم آهي. خلاصو عرض ڪيان تہ اسان جي ذات ۽ شخصيت ۾ منفي شين (Negativity) جو نہ هجڻ، اهو ئي تقويٰ آهي. مثال طور، ڪو ماڻهو پنهنجا فرض پورا نٿو ڪري (نماز نٿو پڙهي، روزو نٿو رکي، والدين جي خدمت نٿو ڪري وغيره)، اهي منفي شيون آهن، انهن جو نہ هجڻ تقويٰ آهي. ڪو ماڻهو دوکو ڏئي ٿو، هي منفي شيءِ آهي، ان جو نہ هجڻ تقويٰ آهي، ڪو ماڻهو ظلم ڪري ٿو، ٻين کي ناحق تڪليفون پهچائي ٿو، هي منفي شيءِ آهي، ان جو نہ هجڻ تقويٰ آهي، هڪ ماڻهو ٻين خلاف بدگماني ڪري ٿو، پنيان برائيون ڪري ٿو، ٻين جي عزت تي هٿ وجهي ٿو، هي سڀ منفي شيءِ آهي، ان جو نہ هجڻ تقويٰ آهي.

مطلب تہ جيڪڏهن اسان پنهنجي ذات ۾، پنهنجي ڪردار ۾، پنهنجي اخلاق ۾، پنهنجي رويي ۾، پنهنجي اندازِ زندگي ۾ بهتري ۽ مثبت شيون (Positivity) آڻڻ چاهيون ٿا تہ ان جو طريقو اهو آهي تہ الله پاڪ جي

عِبَادت ڪريو! ان جي برڪت سان سوچ مثبت ٿي ويندي، ڪردار مثبت ٿي ويندو، اخلاق مثبت ٿي ويندو، انداز مثبت ٿي ويندا، اسان جي پوري جي پوري زندگي جو قبلو درست ٿي ويندو، جڏهن اهو ٿي ويندو تہ اللہ پاڪ جي مهرباني سان اسان سڌي رستي تي بہ رهنداسين ۽ دنيا ۾ آخرت ۾ ڪامياب بہ ٿي وينداسين.

هي آهي عِبَادت ڪرڻ جو هڪ بنيادي فائدو...!! اللہ پاڪ اسان سڀني کي اِخْلاص سان، نيڪ نيتي سان گهٽي کان گهٽي عِبَادت ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

## آيتِ ڪريم مان ملندڙ سبق

اسان وٽ ڪجهہ ماڻهو شيطاني وسوسن ۾ اچي هي چئي عبادت کان جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن تہ جنت ۽ جهنم جو فيصلو تہ ٿي چڪو آهي، تنهنڪري هاڻي عبادت جو ڪهڙو فائدو، جيڪڏهن قسمت ۾ جنت لکيل آهي تہ نمازون نہ بہ پڙهنداسين تہ بہ پهچي وينداسين ۽ جيڪڏهن قسمت ۾ جهنم ئي لکيل آهي تہ پوءِ پلي ڪٽي جيتري بہ عبادت ڪيون، وڃڻو تہ جهنم ۾ ئي آهي.

مَعَاذَ اللہ! اللہ پاڪ جي پناهہ...!! هي تمام سخت جملا آهن ۽ شيطان جا سخت وار آهن. هن آيتِ ڪريمہ تي غور ڪيو! اللہ پاڪ هي نہ فرمايو تہ جنت ۾ وڃڻ لاءِ عبادت ڪريو! هي نہ فرمايو تہ جهنم کان بچڻ لاءِ عبادت ڪريو! بلڪ فرمايائين:

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اعْبُدُوْا رَبَّكُمُ الَّذِیْ | ترجمو ڪنزُ العرفان: اي انسانو! پنهنجي ربّ جي عبادت ڪيو.

معلوم ٿيو: اسان کي عبادت ڪرڻي آهي، ڇو ڪرڻي آهي؟ ان ڪري جو اسان ٻانها آهيون، ان ڪري جو اللہ پاڪ اسان جو رَبّ آهي، اهو اسان جو خالِق آهي، اسان جو مالِڪ آهي، اسان جو رازِق آهي، اهو اسان کي رزق ڏئي ٿو، اسان کي پاليندو آهي، اسان کي ساهہ عطا فرمائيندو آهي، اسان کي زندگي ڏيندو آهي. جنت ڏيڻ، نہ ڏيڻ اهو رَبّ ڪريم جي مرضي

آهي، اسان جيئن تہ ٻانها آهيون، تنهنڪري ٻندگي جو حق ادا ڪندا ئي رهنداسين.

## اللّٰہ پاڪ جا محبوب ٻانها

اللّٰہ پاڪ حضرت داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام ڏانهن وحي فرمائي: اِنَّ اَوَدَّ الْاَوِدَاءِ اِلَيَّ مَنْ عَبَدَنِيْ بِغَيْرِ نَوَالٍ لٰكِنْ لِّيُعْطِيَ الرُّبُوْبِيَّةَ حَقَّهَا يعني مون کي تمام پيارو اهو آهي جيڪو بغير ڪنهن عيوض جي منهنجي عبادت ڪري ۽ ربوبيت (يعني منهنجي رب هجڻ) جو حق ادا ڪري. ”زبور شريف“ ۾ آهي: ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جيڪو جنت يا جهنم جي ڪري منهنجي عبادت ڪري، جيڪڏهن مان جنت ۽ جهنم پيدا نہ ڪريان ها تہ ڇا منهنجي اطاعت نہ ڪئي وڃي ها...؟؟ [1]

## جيڪڏهن اللّٰہ جنت ۽ دوزخ نہ ٺاهي ها تہ...؟؟

هڪ ڀيري ڪجھ بزرگ حضرت رابعہ رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡها جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، پاڻ رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡها پڇيو: اللّٰہ پاڪ جي عبادت ڇو ڪندا آهيو؟ هڪ جواب ڏنو: اسان جهنم کان خوفزده آهيون، قيامت جي ڏينهن جهنم جي مٿان (يعني پُل صِراط تان) گذرڻو پوندو، ان کان محفوظ رهڻ لاءِ عبادت ڪندا آهيون. هڪ ٻئي شخص چيو: اسان جنت ۾ وڃڻ لاءِ عبادت ڪندا آهيون. حضرت رابعہ رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡها فرمايو: اللّٰہ پاڪ جي عبادت فرضِ عين آهي، جيڪڏهن هو جنت ۽ دوزخ پيدا نہ ڪري ها تہ ڇا ٻانها ان جي عبادت کان انڪار ڪري ڇڏين ها؟[2]

جس کا عمل ہو بے غرض اس کی جزاء کچھ اور ہے
حُور وخیام سے گزر، بادہ وجام سے گزر

**وضاحت**: يعني اهو ضروري ناهي تہ جنتي حُورون، اتي جا محلات ۽ اتي جي پاڪيزه شراب حاصل ڪرڻ لاءِ ئي عبادت ڪرڻي آهي، عبادت خالص ٻندگي جو حق آهي، انهن شين جي فڪر ڇڏي اللّٰہ پاڪ جي محبت ۾

1...احياء العلوم، كتاب المحبة والشوق...الخ، بيان ان المستحق للمحبة...الخ،جلد: 4، صفحہ: 371۔
2...تذكرة الاولياء، باب ہشتم، ذكررابعة رحمةُ الله عليہا ،جلد:1، صفحہ:73 ملتقطاً۔

سرشار ٿي عبادت ڪريو! ڇو تہ جنهن جو عمل بي غرض هجي، ان جي جزا نرالي ٿي هوندي آهي.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڇا مان شڪر گذار ٻانهو نہ ٻڻجان!

ڏسو! اسان جا آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گناهن کان معصوم آهن، ٻنهي جهانن جا مالڪ آهن، مالڪِ جنت آهن، قاسمِ جنت آهن، الله پاڪ جي عطا سان قيامت جي ڏينهن پنهنجن غلامن ۾ جنت تقسيم فرمائيندا. ان جي باوجود پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گهڻي عبادت ڪندا هئا، راتين جو ايترو ڊگهو قيام فرمائيندا هئا جو مبارڪ پيرن ۾ سوڄ ٿي ويندي هئي. مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ حضرت عائشہ صِديقه رَضِیَ اللهُ عَنۡهَا عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! توهان تہ اهي آهيو جو توهان جي صدقي ۾ الله پاڪ اڳين پويان جا گناهہ بخشي ڇڏيا آهن، ان جي باوجود توهان ايتري گهڻي عبادت ڪريو ٿا. پياري نبي، مڪي مدني صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏاڍو پيارو جواب ڏنو، فرمايائون: اَفَلَا اَکُوۡنُ عَبۡدًا شَکُوۡرًا ڇا مان الله پاڪ جو شڪر گذار ٻانهو نہ ٻڻجان...؟[1]

سُبۡحٰنَ الله! ڪهڙي شان آهي منهنجي آقا صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي...!!

## عبادت جو سڀ کان اعليٰ درجو

هتي هڪ وضاحت ڪري ڇڏيان: جنت جي طلب ۾ عبادت ڪرڻ اهو بہ جائز آهي، جهنم کان بچڻ لاءِ عبادت ڪرڻ، اهو بہ جائز آهي، البتہ اهو اخلاص جو هيٺيون درجو آهي. اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَیۡه جا والد محترم مولانا نقي علي خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَیۡه لکن ٿا: عبادت جا 4 درجا آهن. (1): جنت جي خواهش ۾ عبادت ڪرڻ (اهو بہ جائز آهي) (2): عذاب جي خوف کان عبادت ڪرڻ (اهو بہ جائز آهي) (3): الله پاڪ جي رضا لاءِ عبادت ڪرڻ (4): ديدارِ الٰهي جي شوق ۾ عبادت ڪرڻ، اهو (آخري درجو يعني صرف ۽ صرف

1...مسلم، كتاب صفة القيامة والجنة والنار، باب اكثار الاعمال...الخ، صفحه:1085، حديث:2820 ملتقطًا۔

ديدارِ الٰهي جي شوق ۾ عبادت ڪرڻ) سڀ کان اعليٰ ۽ اڪمل ۽ اهلِ محبت جي عبادت آهي.[1]

بهرحال! اسان کي به گهرجي ته شيطاني وسوسن ۾ نه اچون، شيطان ڪن ۾ چوندو: تقدير لکجي چڪي آهي، ڪنهن کي جنت ۾ وڃڻو آهي، ڪنهن کي جهنم ۾ وڃڻو آهي، اهو طئي ٿي چڪو آهي، هاڻي عبادت جو ڪهڙو فائدو...؟ اسان ان کي چا چونداسين؟ اسان عبادت گذار آقا صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا امتي آهيون، اسان پنهنجي رب جا ٻانها آهيون، هو اسان کي جنت ڏئي يا دوزخ ۾ وجهي، اهو فيصلو ان جو آهي، اسان ٻانها آهيون، تنهنڪري بندگي (يعني عبادت) ڪندا ئي رهنداسين.

## محبوبِ خدا صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون عبادتون

صحابيءِ رسول حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان روايت آهي، الله پاڪ جا آخري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني، مُحَمَّدِ عربي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم روزا رکندا هئا ۽ ايتري گهڻي نماز پڙهندا هئا جو توهان جي مبارڪ پيرن تي سوڄ اچي ويندي هئي.[2] اُمُّ المؤمنين حضرت عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهَا فرمائن ٿيون: سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قِيَامُ اللَّيۡل (رات جي نفل نماز) هرگز نه ڇڏيندا هئا.[3] اُمُّ المؤمنين حضرت اُمِّ سلمه رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهَا جي روايت موجب پاڻ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو معمول مبارڪ هي هو ته رات جو نماز ادا فرمائيندا هئا، پوءِ جيتري دير نماز ادا ڪئي، اوتري ئي دير آرام فرمائيندا هئا، پوءِ اٿندا ۽ جيتري دير آرام ڪيو، اوتري دير نماز ادا فرمائيندا هئا، پوءِ نماز پڙهڻ جي مقدار آرام فرمائيندا، ائين ئي ڪندا رهندا هئا ايستائين جو فجر ٿي ويندي هئي.[4] حضرت جابر رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آرام فرمائڻ کانپوءِ جڏهن به بيدار ٿيندا هئا ته مسواڪ ڪندا هئا ۽ تازو وضو ڪري نماز ادا ڪندا هئا.[5]

---

1...انوار جمال مصطفےٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم، صفحه:329 - 333 ماخوذًا۔
2...تاريخِ مدينه و دمشق، جلد:4، صفحه:141۔
3...ابوداؤد، كتاب الصلاة، باب:قيام الليل، صفحه:214، حديث:1307۔
4...ترمذی، کتاب فضائل القرآن، باب:مَاجَاءَ كَيۡفَ كَانَتۡ قِرَآءَةُ النَّبِى، صفحه:679، حديث:2923۔
5...مجمع الزوائد، كتاب الصلاة، جلد:2، صفحه:462، حديث:3651۔

صحابيءِ رسول حضرت حذيفه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: هڪ رات الله پاڪ جا آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسجد ۾ نماز ادا ڪري رهيا هئا، مون موقعو غنيمت ڄاتو ۽ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پويان بيهي اقتدا ۾ نماز شروع ڪري ڇڏي. الله پاڪ جي رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نماز دوران سورت بَقَرَه جي تلاوت شروع فرمائي، مان دل ۾ خيال ڪري رهيو هيس ته حُضُور، جانِ ڪائنات صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 100 آيتون پڙهي رڪوع فرمائيندا پر پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 100 آيتن تي رڪوع نه ڪيو بلڪ اڳتي پڙهندا ويا، هاڻي مون خيال ڪيو ته 200 آيتن تي رڪوع فرمائيندا پر پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 200 آيتن تي به رڪوع نه فرمايو. هاڻي مون کي خيال آيو ته حُضُورِ اڪرم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پوري سورت بَقَرَه (يعني تقريبن اڍائي سيپارا) مڪمل پڙهي رڪوع فرمائيندا. پوءِ سورت بَقَرَه مڪمل ٿي پر پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هاڻي به رڪوع نه فرمايو بلڪ سورت آلِ عِمْرَان شروع فرمائي ڇڏي. هاڻي مان سوچي رهيو هيس ته حُضُور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سورت آلِ عِمْرَان مڪمل تلاوت ڪري رڪوع فرمائيندا. (پر منهنجو خيال هن ڀيري به درست نه نڪتو) جانِ عالَم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سورت آلِ عِمْرَان مڪمل فرمائي (يعني پوڻا 4 سيپارا تلاوت فرمائي ورتا) پر رڪوع نه ڪيو بلڪ سورت نِسَآء شروع فرمائي ڇڏي.

حضرت حذيفه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مون سوچيو شايد حُضُور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سورت نِسَآء مڪمل ڪري رڪوع فرمائيندا، هن ڀيري به منهنجو خيال درست نه هو، جانِ ڪائنات، فخرِ موجودات صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سورت نِسَآء مڪمل ڪئي، (يعني سوا 5 پارا پورا ٿي ويا) هاڻي پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سورت مَائِده شروع فرمائي ۽ سورت مَائِده مڪمل تلاوت ڪرڻ کانپوءِ (يعني تقريبن سوا 6 سيپارا پڙهي) رڪوع فرمايو. مون ٻڌو: پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رڪوع ۾ سُبْحَانَ رَبِّيَ الْعَظِيْم پڙهي رهيا هئا، پوءِ (ٻي رڪعت ۾) پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سورت اَنْعَام شروع فرمائي.(1)

1... سُبُلُ الْهُدَىٰ،جماع ابواب سيرته... الخ،الباب الثالث فی وقت قيامه...الخ،جلد:8 ،صفحه:278 ملتقطًا۔

اي عاشقانِ رسول! ڏنو توهان! بخشيل بخشايل آقا، امت کي بخشائڻ وارا آقا، ٻنهي جهانن جا داتا، نُورِ خُدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيتري گهڻي ۽ ڪيتري پابندي سان عبادت ڪندا هئا. پوءِ هتي اهو به غور ڪيو ته پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون مصروفيتون ڪيتريون هيون؟ ۞اسان تي عموماً هڪ گهر جي ذميواري هوندي آهي، هڪ گهر جي چند فردن جي سار سنڀال ڪرڻي هوندي آهي پر اسان جا آقا، ٻنهي جهانن جا داتا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پوري ڪائنات جا نبي آهن، نبوت جا فرض به انجام ڏيندا هئا ۞ صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوان کي علمِ دين به سيکاريندا هئا ۞نيڪي جي دعوت به ڏيندا هئا۞غم خواري به فرمائيندا هئا ۞ مريضن جي عيادت به فرمائيندا هئا ۞ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ ماڻهو فرياد آڻيندا هئا، انهن جي فرياد به ٻڌندا هئا ۽ اسان جي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ته هي شان آهي ته جانور به سندن جي ئي حضور ڏک درد ٻڌائيندا هئا، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي به شفقت ۽ رحمت سان نوازيندا هئا.

ائين سوچيندا وڃو! ڪيتريون مصروفيتون هيون، انهن سڀني مصروفيتن جي باوجود پيارا آقا، نُورِ خُدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پابندي سان ۽ گهڻي کان گهڻي الله پاڪ جي عبادت ڪندا هئا.

## نيڪ ماڻهن جون عبادتون

اهڙي طرح بزرگانِ دين، الله پاڪ جا نيڪ ٻانها به گهڻي عبادت ڪندا هئا ۞ خواجه سِري سَقطي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه 98 سال دنيا ۾ تشريف فرما رهيا، نزع جي وقت ڪانسواءِ ڪنهن به توهان کي ڪڏهن ليٽيل نه ڏٺو، هميشه عبادت ڪندا هئا ۞ محمد جريري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ سال مڪه مڪرمه ۾ رهيا، نه سُتا، نه پٺي سڌي ڪيائون، نه پير ڦهلايائون، نمازِ فجر پڙهي ذِڪرُ الله شروع ڪندا هئا، ظهر ٿي ويندي، ظهر ڪانپوءِ وري ذِڪرِ الٰهي ۾ مصروف هوندا، اييستائين جو عصر ٿي ويندي هئي، عصر کان مغرب تائين، مغرب کان عشاء تائين، عشاء کان وري فجر تائين ويني ذِڪرُ الله

ئي ڪندا رهندا هئا ۞ حضرت ابو بڪر عياش رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه روزانو 30 هزار پيرا سورت اِخْلَاص پڙهندا، روزانو 500 نوافل پڙهندا هئا، ڏينهن ۾ ڪيترائي قرآن ختم ڪندا هئا ۞ امام اعظم، امام ابو حنيفه رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه 40 سال عشاء جي وضو سان فجر جي نماز ادا ڪئي، هر رات 2 رڪعت ۾ قرآنِ ڪريم ختم ڪندا هئا.[1]

## جاڳڻو آهي ته جاڳي وٺ، آسمانن جي ڇانوَ هيٺ.

حضرت رابعه بصريه رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡها ٻي صدي هجري جون مشهور وليه ٿي گذريون آهن، پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡها الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گهڻي محبت رکندڙ، خوفِ خدا ۾ روئڻ واري، عبادت گذار، شب بيدار خاتون هيون، پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡها 50 سال اهڙي طرح گذاريا جو نه بستري تي ليٽي آرام ڪيو نه وهاڻي تي مٿو رکيو. سندن خادمه حضرت عَبْدَه بنت شَوَّال رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡها فرمائن ٿيون: حضرت رابعه رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡها سڄي رات نماز ۾ مصروف رهنديون هيون، صبح فجر کان پهرين مصلي تي ئي ليٽي پونديون هيون، پوءِ ڪجهه دير ڪانپوءِ گهبرائي اٿي پونديون هيون ۽ پاڻ سان چوندو هيون: اي نفس! تون هن ناپائيدار دنيا ۾ ڪيستائين سُتل رهندين؟ دنيا ته تنگي جو گهر آهي، پوءِ هتي ايتري ننڊ ڇو؟ اڄ ڪجهه دير جاڳي وٺ، نيڪيون ڪمائي وٺ، قبر ۾ مني ننڊ سمهج، اتي قيامت تائين ڪو نه جاڳائيندو، عمل هتي ڪري وٺ، آرام اتي ڪجان. پوءِ اٿي عبادت ۾ مصروف ٿي وينديون هيون، پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡها سڄي زندگي ائين ئي گذاري.[2]

جاگنا ہے جاگ لے افلاک کے سائے تلے | حشر تک سوتا رہے گا خاک کے سائے تلے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## دنيا ۾ اچڻ جو مقصد عبادت آهي

افسوس! هڪ اسان آهيون جو هر ڪم لاءِ وقت ڪڍي وٺون ٿا، پئسو ڪمائڻو هجي ته وقت ئي وقت آهي ❀ سير و تفريح لاءِ وڃڻو هجي ته

1... جواہرِ البیان، صفحہ:32-33۔
2...عیون الحکایات، صفحہ:103۔

وقت ئي وقت آهي ❀ موبائل ۽ سوشل ميڊيا (Social Media) لاءِ اسان هر وقت دستياب (Available) آهيون ❀ ڪو مداري اچي وڃي ته ان جي چوڏاري ميڙ ڪرڻ جو به وقت آهي ❀ ڪيڏڻ لاءِ به وقت آهي ❀ رستن تي وڏيون وڏيون ايل سي ڊيز (L.C.Ds) لڳائي رات تائين ميچ وغيره ڏسڻ ۽ هُل مچائڻ جو به وقت ملي وڃي ٿو. ها! اسان کي وقت نٿو ملي ته صرف عبادت لاءِ نٿو ملي ❀ اسان کي وقت نٿو ملي ته اشراق ۽ چاشت لاءِ نٿو ملي ❀ وقت ناهي ته اَوّابين جي نوافل لاءِ ناهي ❀ وقت ناهي ته نيڪ اجتمن ۾ شرڪت جو وقت ناهي ❀ مدني قافلن ۾ سفر جو وقت ناهي ❀ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو وقت ناهي ❀ علم سکڻ جو وقت ناهي ❀ جيڪڏهن وقت ناهي ته قبر ۽ آخرت جي تياري جو وقت ناهي ❀ ان ڪانسواءِ دنياوي ڪمن لاءِ اسان وقت ڪڍي ئي وٺون ٿا.

ڪاش! اسان کي فڪرِ آخرت نصيب ٿي وڃي، ڪاش! اسان پنهنجي آقا و مولا، مُحَمَّدِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم کي عملي طور تي پنهنجو آئيڊيل (Ideal) بڻائڻ ۽ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جي سيرتِ پاڪ کي زندگي ۾ نافذ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون. ڪاش! عبادت جي توفيق ملي وڃي.

عبادت میں گزرے مِری زِندگانی | کرم ہو کرم یا خدا یااِلٰہی[1]

## اسان جي زندگي جو مقصد

سيپارو 27، سورت ذَارِيَات، آيت: 56 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَ مَا خَلَقۡتُ الۡجِنَّ وَ الۡاِنۡسَ اِلَّا لِيَعۡبُدُوۡنِ ﴿۵۶﴾ (سيپارو: 27، الذاريات: 56)

ترجمو ڪنزُالعرفان: ۽ مون جن ۽ انسان انهي ڪري پيدا ڪيا ته جيئن منهنجي عبادت ڪن.

هن آيت مان معلوم ٿيو ته اسان هن دنيا ۾ الله پاڪ جي عبادت لاءِ ئي آيا آهيون. تنهنڪري اسان کي گهرجي ته اسان عبادت کي هر شيءِ کان

1...وسائل بخشش، صفحه:105.

وڏيڪ اهميت ڏيون، باقي ڪجهه چئني ٿو تہ چئني، عبادت ۾ سستي هرگز نہ اچڻ ڏيون. حضرت سفيان بِن عُيَيْنَہ رَحمۃُ اللہِ عَلَيْہ فرمائن ٿا: حضرت قيس بن مُسْلِم رَحمۃُ اللہِ عَلَيْہ جي عادت هئي تہ پاڻ سڄي رات نمازون پڙهندا رهندا هئا، سحري جي وقت ويهي ويندا هئا ۽ الله پاڪ جي حضور روئندا ۽ زاري ڪندا هئا (يعني لڙڪ وهائيندي) چوندا هئا: هي اهو ڪم آهي، جنهن لاءِ اسان کي پيدا ڪيو ويو، خدانخواستہ جيڪڏهن اسان جو اختتام خير سان نہ ٿيو تہ اسان هلاڪ ٿي وينداسين.(1)

گر تُو ناراض ہوا میری ہلاکت ہوگی | ہائے! میں نارِ جہنم میں جلوں گا یاربّ!
عفو کر اور سدا کے لئے راضی ہوجا | گر کرم کر دے تُو جنت میں رہوں گا یاربّ!(2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## گهٽي عبادت جا فائدا

الله پاڪ اسان کي بہ گهڻي عبادت جي توفيق نصيب فرمائي. ڪاش! دل ۾ الله پاڪ جي محبت گهر ڪري وڃي ۽ اسان گهڻي ڪان گهڻي عبادت ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. اچو! عبادت جي رغبت وڌائڻ لاءِ گهڻي عبادت جا ديني ۽ دنياوي فائدا ٻڌون ٿا:

والد اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْہ فرمائن ٿا: جيڪو عبادت ڪندو آهي: ۞ الله پاڪ ان سان محبت فرمائيندو آهي ۞ ان کي عظمت ملندي آهي۞ ان جا ڪم سنورجي وڃن ٿا ۞ مشڪلاتن ۾ ان جي مدد ڪئي وڃي ٿي ۞ دشمن جي شر کان بچايو وڃي ٿو ۞ ان جي دل مان وحشت دور ڪئي وڃي ٿي ۞ ان کي بلند همتي عطا ڪئي وڃي ٿي ۞ ان جي دل وسيع ٿي وڃي ٿي، اهو علم آساني سان سکي وٺي ٿو ۞ مخلوق جي دل ۾ ان جي محبت وڌي وڃي ٿي ۞ ان کي برڪت نصيب ٿئي ٿي ايستائين جو ماڻهو ان جي ڪپڙن ۽ گهر مان بہ برڪت حاصل ڪن ٿا ۽ فائدو ڪڻن ٿا ۞ عبادت گذار مُسْتَجَابُ الدَّعْوَات ٿي ويندو آهي يعني ان جي دعا قبول ٿيندي آهي ۞ عبادت سان روح کي تازگي ۽ قوت ملندي آهي،

1...صفة الصفوة، جزء:3، جلد:2، صفحہ:84۔
2...وسائلِ بخشش،صفحہ:85۔

طبيبن (Doctors) موجب صحت جي حفاظت لاءِ عبادت کان بهتر ڪا شيءِ ناهي، جيڪو شخص رياضت ڪندو آهي ان جي دل خوش ۽ بدن چست رهندي آهي ۞ عبادت گذار موت جي سختي کان محفوظ رهندو ۞ ان کي ايمان تي ثابت قدمي نصيب ٿيندي ۞ ان کي جوارِ رحمت ۾ جاءِ ملندي آهي ۞ ملائڪ ان کي قبر جي عذاب کان بچائيندا آهن ۽ نڪيرَين جي سوالن جا جواب سيکاريندا آهن ۞ ان جي قبر روشن ۽ فراخ ڪئي وڃي ٿي ۞ قيامت جي ڏينهن ان کي تاج پارايو ويندو ۞ عبادت گذار ميدانِ محشر ۾ بُراق تي سوار ٿي ايندو ۞ ان جو حساب نہ ٿيندو، ٿيو بہ تہ آساني سان ورتو ويندو ۞ ان کي حوضِ ڪوثر مان پاڻي پيئڻ نصيب ٿيندو جو پوءِ ڪڏهن بہ اُڃ نہ لڳندي ۞ عبادت گذار پل صراط تي آساني سان گذرندو ۞ رضاءِ الٰهي سان مشرف ٿيندو ۞ عبادت گذار قيامت جي ڏينهن عرشِ الٰهي جي ڇانوَ ۾ جاءِ پائيندو ۞ قيامت جي ڏينهن ان کي ديدارِ الٰهي نصيب ٿيندو ۽ هي نعمت سڀني نعمتن کان افضل آهي.[1]

مِری زِندگی بس تری بندگی میں | ہی اے کاش گزرے سدا یااِلٰہی! (2)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مدني قاعدو (Madani Qaida) موبائيل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي I.T ڊپارٽمنٽ هڪ موبائيل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: مدني قاعدو .(Madani Qaida) هن ايپلي ڪيشن ۾ مڪمل مدني قاعدو ۽ ان جو آڊيو (Audio) شامل ڪيو ويو آهي يعني هن ايپلي ڪيشن ۾ توهان مدني قائدي جي جنهن حرف يا جنهن لفظ تي ڪلڪ (Click) ڪندؤ، آڊيو (Audio) ۾ ان جو تلفظ هلندو، ائين هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان آساني سان مدني قاعدو پڙهي، ان جي مشق (Practice) ڪري درست مخارج ۽ ضروري تجويد سکي سگهجي ٿي. هي ايپلي

---

1... انوارِ جمالِ مصطفٰے صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، صفحہ:334 ملخصًا۔
2...وسائلِ بخشش،صفحہ:106۔

ڪيشن پنهنجي اسمارٽ فون ۾ انسٽال ڪري ونو، پاڻ به فائدو کڻو ۽ ٻين ڪي به ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

**بيان ڪي اختتام ڏانهن آڻيندي، اچو! هڪ شرعي مسئلو ٻڌون ٿا:**

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ مشهور غلطي جي نشاندهي)

**مسئلو:** پنهنجو عقيقو نه ٿيو هجي، تڏهن به پنهنجن ٻارن جو عقيقو ڪري سگهجي ٿو.

**وضاحت:** عوام ۾ مشهور آهي ته جنهن جو پنهنجو عقيقو نه ٿيو هجي اهو پنهنجن ٻارن جو به عقيقو نٿو ڪري سگهي. هي غلط آهي ان جي ڪا حقيقت ناهي. شريعت جو حڪم هي آهي ته عقيقو ڪرڻ مستحب (يعني ثواب جو ڪم) آهي. اولاد پنهنجن والدين لاءِ نعمت هوندي آهي، عقيقو ان نعمت جو شڪرانو آهي. ان ڪري جنهن وٽ اولاد هجي، جيڪڏهن ڪري سگهي ته انهن جو عقيقو ضرور ڪري. اهڙي طرح جيڪي وڏا ٿي چڪا آهن ۽ ننڍپڻ ۾ انهن جو عقيقو نه ٿيو آهي ته جيڪڏهن چاهين ته پنهنجو عقيقو پاڻ به ڪري سگهن ٿا.[1]

## اسماءُالحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

يَاعَدۡلُ

جيڪو به مغرب جي نماز کانپوءِ يَاعَدۡلُ هڪ هزار ڀيرا پڙهندو ته آسماني بلائن کان نجات ماڻيندو.[2] اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِيْم!

اللّٰه پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]… فتاوىٰ اہلسنت غير مطبوعہ، فتوىٰ نمبر:Aqs875۔

[2]…مدنی پنج سورہ، صفحہ:250۔